

# ملڪي سياست جا عجيب منظر: هاڻي ڇا ٿيندو؟

**– جامي چانڊيو**

پاڪستان جي رياست جي بحران بابت تہ هر سطح تي ڳالهہ ٿيندي رهي ٿي پر ان بحران جو هڪ اظهار پاڪستان ۾ ٿيندڙ سياست ذريعي بہ ٿئي ٿو. 29 جولاءِ جي ڊان ۾ انور سيد جو مضمون ان حوالي سان پڙهڻ وٽان آهي، جنهن ۾ هن پاڪستان جي سياسي پارٽين جي صورتحال تي هڪ تنقيدي نظر وڌي آهي. دراصل ڪنهن بہ ملڪ جي سياست نہ رڳو پنهنجي اندروني پيچيدگين پر بنيادي طور رياست ۽ معاشري جو بہ عڪس پيش ڪري ٿي. جن ملڪن ۾ معاشرا رياست جو ڪردار طئي ڪندا آهن اُتي ذميوار رياستون ۽ بااختيار جمهوري معاشرا اُسرندا آهن ۽ جتي معاشرا رياستون تشڪيل ڪندا آهن ۽ رياستون وري چند فردن، خاندانن، گروهن ۽ ادارن وٽ يرغمال هونديون آهن، اتي ڪهڙي رياست ۽ معاشرو جُڙن ٿا. ان جو هڪ چٽو مثال پاڪستان جي رياست ۽ معاشرو آهي. فاشزم، عوام دشمني، ڌوهہ، ڪرپشن، هٿيار، ڦورو گروهہ ۽ طبقا، غلامي، بک، بدحالي، قتل و غارت، جنون ۽ انتها پسندي توڙي پُرتشدد انارڪي اڄوڪي پاڪستاني رياست ۽ معاشري جا Images آهن. جيڪي ظاهر آهي تہ رياست جا هٿ وٺي ناهيل ۽ پيدا ڪيل آهن.



رياست هونئن بہ سرڪش گهوڙي وانگر هوندي آهي ۽ ويهين صديءَ جي جرمن فلسفيءَ ڪارل پوپر تہ رياست کي هڪ اڻتر بڇڙائي سڏيو هو پر جيڪڏهن ان سرڪش گهوڙي جون واڳون عوام جي هٿ ۾ هونديون آهن ۽ تهائين وڌيڪ عوام دوست ۽ ذميوار توڙي منظم سياسي پارٽين معرفت هونديون آهن تہ پوءِ اُهي بي لغام سرڪش گهوڙي بجاءِ ”گڏهہ“ وانگر عوام جي ترقيءَ ۽ تحفظ جو بار کڻنديون آهن. ٻئي طرف جيڪڏهن رياستون عوام منجهان، عوام جون ۽ عوام لاءِ نہ هونديون آهن تہ پوءِ نتيجا اُهي ئي هوندا آهن، جيڪي اڄ پاڪستان ۾ نظر اچي رهيا آهن. موجوده حالتن ۾ جيترو رياست هڪ عوام دشمن ”اداري“ ۾ تبديل ٿي چڪي آهي، جيترو عوام سخت پريشان ۽ مونجهارن ۾ ڦاٿل آهي اوترو ئي سياسي منظرنامي جا عڪس نااُميديءَ ڏانهن وٺي ويندڙ آهن.

اچو تہ رياست ۽ سياست جي بحران جي پس منظر ۾ ملڪ جي موجوده سياست جا ڪجهہ منظر ڏسون ۽ پوءِ گهربل نتيجا ڪڍون.

## (1) پ پ پ جو پنهنجي ڪرندڙ ديوار کي آخري ڌِڪو:

ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ پ پ پ روايتي حوالي سان ۽ بظاهر پاڪستان جي وڏي ۾ وڏي وفاقي سياسي پارٽي آهي. ان حقيقت جو هڪ ڊگهو تاريخي پس منظر ۽ معروضي سبب آهي، جن تي تفصيلي طرح ڳالهہ ڪرڻ جي هتي گنجائش گهٽ آهي پر وقت اچي ويو آهي تہ ”وڏين پارٽين“ جي تشريح نئين سر ڪئي وڃي. ڇا وڏيون پارٽيون اُهي آهن جيڪي رڍن جيان عوام جا غير منظم ڌڻ پنهنجي پويان اليڪشني سياست ۾ هڪلين ٿيون يا وڏيون پارٽيون انهن کي سڏيو وڃي، جن جا خيال ۽ پاليسيون وڏيون هجن، جن جي ڪمٽمينٽ، ڪردار ۽ سياسي اخلاق وڏو هجي، جيڪي عوام کي باشعور ۽ منظم ڪن ۽ جيڪي جدوجهد ۽ عوام جي باشعور سگهہ ۾ ويساهہ رکن؟ Status-Quo جي سياست وٽ وڏي پارٽيءَ جي تشريح ۽ تصور ٻيهريون آهي، جڏهن تہ حقيقي جمهوري سياست ان جي اُبتڙ ٻي تشريح ۽ وصف ۾ اعتبار رکي ٿي. هاڻي ان حوالي سان پ پ پ ڪيتري وڏي پارٽي آهي؟ ان جو اندازو لڳائڻ گهڻو ڏکيو نہ آهي. منهنجيءَ نظر ۾ پ پ پ هڪ لحاظ کان وڏي بدنصيب پارٽي آهي، جيڪا ڪڏهن بہ عوام جي محبت ۽ اُميدن کي سمجهي نہ سگهي ۽ ان هميشہ عوام جي محبت ۽ مفاد بجاءِ موقعي پرستيءَ جي چونڊ ڪئي. رڳو مشرف جي دؤر جي اٺن سالن جو ئي مثال وٺجي تہ ان ڪابہ سچي جدوجهد ڪرڻ بجاءِ سمورو وقت رڳو ان آسري ۾ گذاريو آهي تہ ڪڏهن ٿا حڪمران مٿن مهربان ٿين ۽ ”ڊيل“ جو ڪو گس ڪڍن! پ پ پ گذريل اٺن سالن ۾ هڪ ڏينهن بہ مشرف ۽ فوجي راڄ خلاف

ڪا حقيقي مزاحمتي جدوجهد نہ هلائي آهي. هاڻي تہ مشرف ۽ پ پ پ وچ ۾ ڊيل وارو معاملو وچي سڏين ۽ ڳجهين ملاقاتن تائين پهتو آهي. رهي Justification جي ڳالهہ تہ ظاهر آهي تہ ٻئي ڌريون اهو ملڪ, قوم ۽ جمهوريت جي مفاد ۾ ئي ڪري رهيون آهن. پ پ پ جنهن پي ايم ايل (ن) سان "جمهوريت جي عهدنامي" تي صحيحون ڪيون, جڏهن ابوظهبيءَ ۾ ڪيس سڏ ٿيو تہ ان نوازشريف سان ٿلهي صلاح ڪرڻ بہ گوارا نہ ڪئي ۽ اهو ڪو پهريون موقعو ناهي. اها ساڳي پارٽي هئي جنهن ايم آر ڊيءَ جي چارٽر تي بہ صحيحون ڪيون هيون تہ اها اقتدار ۾ اچي مرڪز وٽ صرف چار ڪاتا رکندي ۽ باقي سمورا ڪاتا صوبن حوالي ڪيا ويندا پر پوءِ ڇا ٿيو؟ ساڳي پارٽيءَ تازو لنڊن جي MPC ۾ ان ٺهراءَ تي صحيحون ڪيون تہ اها ايم ڪيو ايم سان ڪڏهن بہ سياسي ۽ حڪومتي اتحاد نہ ڪندي پر بينظير پٺتو ٽن ڏينهن اندر عملي طور ان جي ترديد ڪئي تہ سندن پارٽي ايم ڪيو ايم جي سياسي ونگ سان اتحاد ڪري سگهي ٿي. جنهن پارٽيءَ جو سربراهہ خود دهشتگرد هجي, ان جي ڪهڙي سياسي ونگ ٿيندي آهي؟ اهو منطق سمجهہ کان ٻاهر آهي. منهنجيءَ نظر ۾ پ پ پ جي مشرف سان ڊيل سندن سياسي آپگهات ثابت ٿيندو. سياست ۾ عوام جي راءِ ۽ مفاد جو احترام لازمي هوندو آهي. عوام آمريڪا کي سامراج سمجهي ٿو ۽ پ پ پ ان خلاف لفظ بہ ڪڇڻ لاءِ تيار نہ آهي. عوام اسٽيبلشمينٽ ۽ مشرف سان ڪنهن بہ ڊيل جي حق ۾ نہ آهي ۽ پارٽي ساڻن ڳجهيون ملاقاتون ڪري ٿي, عوام متحده کي هڪ دهشتگرد مافيا سمجهي ٿو ۽ پ پ پ وري بہ ساڻن اتحاد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. سياست ۾ ڪنهن سان بہ ملي سگهجي ٿو پر ڪهڙن ۽ ڪنهن جي شرطن تي؟ پ پ پ کي جيڪڏهن مشرف ملاقات لاءِ دعوت ڏني هئي تہ اها گهٽ ۾ گهٽ بہ شرط رکي ها. سڀ کان پهرين تہ اها ملاقات پاڪستان ۾ ٿيڻ گهرجي ۽ ٻيو تہ ان جا تفصيل عوام آڏو پڌرا ڪيا وڃن. عوام دوست سياست ۾ دشمن سان ڳجهي ملاقات جي ڪا بہ گنجائش نہ هوندي آهي.

دراصل پ پ پ پنهنجي ڪرنڌڙ ديوار کي آخري ڌڪو ڏئي رهي آهي. جيڪو ڪم ڪالهہ ضياءُ الحق نہ ڪري سگهيو اهوئي ڪم اڄ محترمہ پاڻ ڪري رهي آهي.

## (2) نواز شريف ساڄيءَ ڌر ذريعي ڪهڙي تبديلي آڻيندو؟

جيتوڻيڪ نواز شريف جو موجوده حالتن ۾ موقف گهٽي حد تائين واضح ۽ چٽو نظر اچي رهيو آهي, ٿي سگهي ٿو ان جو هڪ وڏو سبب اهو بہ هجي جو ڪيس خبر آهي تہ هي Turn هن جو نہ آهي. ان ڪري نظر ايئن پيو اچي تہ هو هڪ سياڻي سياستدان وانگر



پنهنجي واري جو انتظار ۽ ان جون تياريون ڪري رهيو آهي. ان ڳالهہ ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ نواز شريف مشرف دؤر جي ڌڪَ مان پرايو آهي ۽ ان پاڻ کي تمام گهٽي حد تائين تبديل ڪيو آهي. نہ تہ ڪنهن ٿي ڄاتو تہ اسٽيبلشمينٽ جي پيدا ڪيل ماڻهوءَ مان ڦري هڪ اسٽيبلشمينٽ مخالف اڳواڻ ٿي اُڀرندو؟ پر ان باوجود نواز شريف پنهنجي ماضيءَ جي باقيات مان جند ڇڏائي نہ سگهيو آهي, خاص طور تي فڪري ۽ نظرياتي وابستگيءَ جي حوالي سان. نواز شريف ننهن کان چوٽيءَ تائين اڄ بہ ساڄيءَ ڌر جي سوچ, رويي ۽ خيال جو ماڻهو آهي. مسلم ليگ ڪٽي ڪهڙي بہ هجي پر اڄ بہ سندن ذهن مان پاڪستان جي "نظرياتي سرحدن" جي حفاظت جو واءُ نہ ويو آهي. جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي تہ نواز شريف جي ڪوشش باوجود پ پ ساڻن گڏ هلڻ لاءِ تيار نہ آهي پر اها بہ حقيقت آهي تہ نوازشريف جو پنهنجو ذهني ۽ سياسي لاڙو بہ ساڄيءَ ڌر جي سياسي پارٽين طرف آهي. سوال آهي تہ ڇا نوازشريف ساڄيءَ ڌر جي سوچ ۽ سياسي اتحاد سان اڳتي هلي ڪو بہ حقيقي جمهوري ۽ سياسي ڪردار ادا ڪري سگهندو؟ ڇا ساڄيءَ ڌر مان ڪا بہ اميد ڪري سگهجي ٿي تہ اُها عوام لاءِ ڀلائي پاليسيون ۽ پروگرام ڏيندي ۽ اُها عوام پاران وقت اچڻ تي سچ پچ بہ مزاحمت ڪندي ۽ اُٿي بيهندي؟ MPC مان ظاهر ٿيو تہ اڄ بہ پارٽيءَ اندر هن تي اثر مڊل ڪلاس جي قيادت بجاءِ اُنهن "بااثر" ماڻهن جو آهي جيڪي اسٽيبلشمينٽ کي ويجهو تصور ڪيا وڃن ٿا. چوڌري نثار, اسحاق ڊار ۽ راجا ظفرالحق ان جا رڳو ڪجهہ مثال آهن. جيتوڻيڪ مسلم ليگ (ن) ڪا جاگيردارن جي نہ پر بنيادي طور هڪ سرمائيدار طبقي جي پارٽي سمجهي وڃي ٿي پر اتي بہ "سياسي ملوڪيت" يعني خانداني سياست نظر اچي ٿي. شريف ڀائر اڄ بہ پارٽيءَ جي اڇي ڪاري جا مالڪ آهن ۽ جن پارٽين ۾ خانداني سياست ۽ ملوڪيت هوندي اُتي جمهوري ڪلچر اُسري نہ سگهندو آهي. نوازشريف جي ذاتي سوچ جو اثر هوندو پر سوال آهي تہ هو جنهن سوچ, ماڻهن ۽ مفاد جي گهيري ۾ آهي, ان ۾ ڪو بہ گهربل ۽ غير معمولي ڪردار ادا ڪري سگهندو؟ منهنجو جواب نہ ۾ آهي.

## (3) ملڪ ۾ مخالف ڌر جو ڪو بہ وجود نہ آهي؟

ايوب, يحيٰ ۽ ضياءُ الحق جا دؤر بہ بدترين هئا پر گهٽ ۾ گهٽ انهن دؤرن ۾ عوام وٽ سگهاري آواز جي نمائندگيءَ لاءِ تنظيمون, جدوجهدون ۽ تحريڪون هيون. مشرف جو دؤر ان لحاظ کان عجيب ۽ وڌيڪ Frustrating آهي تہ ان ۾ وفاقي ۽ ملڪي سطح تي اپوزيشن جو ڪو بہ وجود نہ آهي. ايم ايم اي جيڪا بظاهر مخالف ڌر جي مهندار آهي, اُها

سندن ”گهر“ جي شيءِ آهي. پ پ پ جا اٺ سال ان آسري ۾ گذري ويا ته ڪڏهن ٿو ڪين ”قرب“ سان گهرايو وڃي؟ نوازشريف جو في الحال غير معمولي ڪردار جڙي نه ٿو سگهي. جيڪي عمران خان جهڙا ماڻهو سنئو ڳالهائين ٿا، انهن وٽ پارٽيون ۽ عوام ڪونه آهي. اي آر ڊيءَ جو ڪردار Good for Nothing يعني ”نه دشمن ڪي پؤ ۽ نه سڄڻ ڪي آسري“ وارو آهي. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته مشرف جي اٺن سالن جي دؤر ۾ جيڪڏهن ڪا حقيقي سياسي مزاحمت ٿي آهي ته اُها سنڌ پاڙيءَ جي سوال تي ڪئي آهي ۽ ان ۾ به ”وڏين“ پارٽين بجاءِ ننڍين پارٽين ۽ عوام جو ڪردار آهي. بلوچن جي مزاحمت جي نوعيت سياسي گهٽ ۽ ننڍي سطح تي گوريلا ويڙهه واري وڌيڪ آهي. جنرل مشرف ملڪي تاريخ جو واحد جنرل آهي جنهن ڪي ڪنهن به سياسي مزاحمت جو منهن ڏسڻو نه پيو آهي. البته تازو وڪيلن جي جدوجهد ڪيس گوڏن ڀر ويهاري ڇڏيو آهي پر ان ۾ به سياسي پارٽين جو ڪو ڪردار نه آهي. سوال آهي ته منظم مخالف ڌر ڪانسواءِ جيڪا به جدوجهد ٿيندي، اُها سواءِ انارڪي پيدا ڪرڻ جي ٻيو ڇا ڏيندي ۽ ڪن حالتن ۾ ته اها Counter Productive به ٿي سگهي ٿي.

## (4) آمريڪا جي ڱيجهو سيڪيولر سياست عوام کي ڇا ڏيندي؟

پاڪستان ۾ رڳو اها حقيقت ڏکوئيندڙ نه آهي ته ملڪ جي سياست جو توازن مٿين سطح تي ساڄيءَ ڌر جي حق ۾ وڃي رهيو آهي پر ساڳئي وقت اها حقيقت به افسوسناڪ آهي ته ملڪ جون گهڻي ڀاڱي سيڪيولر ڌريون هاڻي آمريڪا جون ڱيجهو بڻيل آهن. پ پ پ پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود بهرحال هڪ سيڪيولر ڌر آهي پر ساڳئي وقت اها سامراج دوست به آهي. بينظير آمريڪا جي ڪنهن به ڪردار تي آڱر نه کڻندي. عوامي نيشنل پارٽي شايد ملڪ جي سڀ کان وڏي قومي سوچ رکندڙ سيڪيولر پارٽي ليکي ويندي هئي. موجوده حالتن ۾ اها سيڪيولر ته آهي پر پ پ پ وانگر مڪمل طور آمريڪا جي حمايتي ڪيمپ ۾ آهي. اي اين پي افغانستان ۾ آمريڪا جي ويهاريل ڪارزائي حڪومت جي به ايئن ئي ويجهو آهي، جيئن اُها ڪامريڊ نجيب جي حڪومت جي ويجهو هئي. PKMAP ۽ ترقي پسند قومپرست پارٽي ليکي ويندي آهي پر ساڳيءَ طرح اها پنهنجو سيڪيولر ڪردار ته برقرار رکيو اچي پر اها به اي اين پيءَ وانگر آمريڪا خلاف ڪوبه لفظ نه ٿي ڪُڇي. دلچسپ ڳالهه ته هاڻي اي اين پي ۽ PKMAP هڪٻئي جي تمام ويجهو به اچي رهيون آهن. بلوچستان جون قومپرست سياسي پارٽيون هونئن به گوادر جي حوالي سان آمريڪا جي ويجهو تصور ڪيون وڃن ٿيون ۽ بگٽيءَ جي



شهادت تي آمريڪا جو ردعمل رڪارڊ تي آهي. سنڌ ۾ سنڌين وٽ ڪابه وڏي قومي پارٽي آهي ڪونه ۽ سنڌ جي نمائندگي جن ڌرين جي کيسي ۾ وڏي وئي آهي، اهي يعني پ پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ٻئي آمريڪا جون حمايتي آهن. سوال آهي ته جيڪڏهن ملڪ ۾ طاقت جو توازن ساڄيءَ ڌر جي حق ۾ وڃي رهيو آهي ته ان جي پيٺ ۾ آمريڪا جي ڱيجهو سيڪيولر سياست عوام کي ڇا ڏيندي؟

## (5) ڪامريڊ ڪٿي آهن؟

پاڪستان ۾ هونئن به کاٻي ڌر جي سياست عوام کان ڪٽيل، خود فريبيءَ تي ٻڌل ۽ محدود رهي آهي پر موجوده حالتن ۾ ته ان جو حال ملڪي سطح تي سياسي ميوزم ۾ رکڻ جهڙو ٿي ويو آهي. کاٻيءَ ڌر جي ننڍين ننڍين گروهن وٽ نه ته منظم تنظيمون آهن، نه واضح نقطءِ نظر آهي، نه سندن عوام سان رابطو آهي ۽ نه وري ڪو اثرائتو سياسي ڪردار. پنجاب جتي وري به هڪ حد تائين کاٻي ڌر جو محدود حلقن تائين پر بهرحال زور رهيو آهي، اُتي کاٻي ڌر جي فردن، گروهن ۽ تنظيمن جي گهڻائي مشرف جي حمايتي نظر اچي ٿي. سندن دليل اهو آهي ته ٻيءَ صورت ۾ ملڪ ۾ مذهبي پارٽيون حاوي ٿي ويندِيون. پليجو صاحب انهن کي يوٻگ ۾ ”مارڪسي- مشرفي“ کاٻي ڌر سڏيندو آهي. پاڪستان جي موجوده سياسي منظرنامي ۾ جيترا وائڙا ”ڪامريڊ“ آهن، اوترو شايد ئي ڪو ٻيو هجي. ڪامريڊ اڳي به ڪو آسمان ڪونه ڏاريندا هئا پر گهٽ ۾ گهٽ دانشورانه سطح تي سندن هڪ اثرائتو ڪردا هوندو هو. هاڻي ته ڪين ڳولڻ لاءِ عام معافيءَ جو اعلان ڪري اخبار ۾ اشتهار ڏئي ڪين واپس ورائڻ گهرجي.

## (6) ڇا چوڌري افتخار جا ڪُلها عوام جي اُميدن جو بار سهي سگهندا؟

سپريم ڪورٽ جي بحران ملڪ ۾ نيون ۽ خوشگوار تبديليون آنديون. اسان جي هڪ ڪينيڊين دوست شيلا فرائومن ان کي Rose Patel Movement سڏيندي هئي. سو نيٺ اها به پوري ٿي ۽ چيف جسٽس بحال ٿي ويو. هن وقت جيئن ته ملڪ ۾ سياسي پارٽين جي حالت تي مٿي بحث ڪري چڪا آهيون، ان ڪري عوام جون سموريون اُميدون چوڌري افتخار سان وابسته ۽ مشروط ٿي ويون آهن. تازو اسلام آباد ۾ چوڌري اعتزاز احسن سان ڪچهري ٿي ته هن به اهي خدشا ڏيکاريا. چوڌري افتخار هڪ فرد آهي، جيڪو ظاهر آهي ته هڪ اڳ ئي سٺ سالن کان تباهه ڪيل اداري ۽ نظام ۾

ڪم ڪندو ان ڪري ان کان ڪنهن غير معمولي ڪردار جون اُميدون اجايون ٿينديون. جنهن ملڪ ۾ سياسي پارٽين جو حال مٿي ذڪر ڪيل نوعيت جو هجي ۽ عوام انارڪيءَ جو شڪار ٿيندي نظر اچي، اُتي عدليه ۾ ويٺل هڪ يا ڪجهه فرد آخر نظام کي ڪيترو سڌاري سگهن ٿا؟ ها ـ چيف جسٽس به تڏهن ڪجهه ڪري سگهندو جڏهن سياسي پارٽين جو ڪو مضبوط ۽ واضح ڪردار هوندو! چوڌري اعتزاز چوي ٿو ته ڪابه پارٽي صدر جي يونيفارم جي اشوءَ تي سپريم ڪورٽ ۾ وڃي ته هو اهو ڪيس وڙهي سگهي ٿو. سوال آهي ته Status-Quo جي ڪابه پارٽي اها پيش قدمي ڪندي؟ چوڌري اعتزاز ته چيف جسٽس ڪيس کانپوءِ پنهنجي پارٽيءَ اندر به پاسيرو ڪيو ويو آهي. ان ڪري منهنجو خيال آهي ته چوڌري افتخار جا ڪلها شايد عوامي اُميدن جو سمورو بار نه کڻي سگهن ۽ نتيجي ۾ وري مايوسيءَ جي لهر اُڀري سگهي ٿي.

## (7) موجوده رياستي بحران جو ڪٽيو ڪير ڪائيندو؟

هن سڄيءَ ڳالهه ٻولهه جو مرڪزي نقطو اهو آهي ته موجوده رياستي بحران جو ڪٽيو آخر ڪير ڪائيندو؟ ڇاڪاڻ ته عوام کي ان جو ڪٽيو تڏهن پلئه پوندو آهي، جڏهن عوام وٽ منظم ۽ مضبوط نمائنده سياسي پارٽيون هونديون آهن. جيڪي جدوجهد، واضح موقف، جرئت، ڪردار ۽ ساک سان ان جا نتيجا عوام جي جهوليءَ ۾ وجهنديون آهن پر جنهن ملڪ ۾ سياسي پارٽيون پنهنجي جياپي جا گس ڳولينديون هجن ۽ اُهي به موقعي پرستيءَ سان ته اُتي تصور ڪري سگهجي ٿو ته عوام کي هن رياستي بحران مان ڇا پلئه پوندو؟ نظر ايئن پيو اچي ته هن بحران جو ڪٽيو وري به اسٽيبلشمينٽ ۽ موقعي پرست سياسي ڌريون ۽ گروهه ڪائيندين. عوام جو حال وري به ”انڌي جهڙي پيڪي تهڙي ساهرين!“ وارو ٿيندو. تازو ابوظهبيءَ جي ”ڳجهي گڏجاڻي“ ان جي شروعات سمجهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته جنهن به رياستي ۽ سياسي بحران جا حل ”ڳجهين گڏجاڻين“ ۾ ڳوليا ويندا، ظاهر آهي ته اُهي عوام جي حق ۾ نه هوندا. ڇاڪاڻ ته هونئن به هن ملڪ جو اهو حال ”ڳجهن ادارن“ ڪيو آهي ۽ سياست ۾ جيڪا به ڊيل عوام کان ڳجهي رکي ويندي آهي، ان جا پس و پيش نتيجا ته عوام ڀوڳيندو آهي پر ان جو ڪٽيو ڪو ”ٻيو“ ڪائيندو آهي.